# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

## www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر




## عبداللطيف انصاري

# متِيءَ جا رانديڪا

## ادل سومرو

### (ٻارن لاءِ شاعري)


متيءَ جا رانديڪا
ادل سومرو

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڦريون ڦنو | 3 |
| 2 | رايا | 6 |
| 3 | ڌرتي | 11 |
| 4 | شاهه لطيف جو ميلو | 13 |
| 5 | ٿري ٻار ۽ ٻادل | 14 |
| 6 | ٻالڪ ۽ ٻولي | 15 |
| 7 | ننڍڙو ڏنار | 17 |
| 8 | سائنسي سونهن | 18 |
| 9 | ڀرت ڀرڻ جو هنر | 19 |
| 10 | گهرُ (ٻول) | 20 |
| 11 | گُل هر هنڌ ٽڙن | 22 |
| 12 | سوٽو، ڪانُ ۽ ڀٽُ | 24 |
| 13 | جاڻڻ جوڳي | 25 |
| 14 | ايڪو | 26 |

| | | |
|---|---|---|
| 15 | ڪاٺ جا گهوڙا | 28 |
| 16 | صفائيءَ جو هفتو | 29 |
| 17 | نياڻين جي تعليم | 31 |
| 18 | ڪنگ ڪي ٻار جي اپيل | 32 |
| 19 | نئين دؤر جو نئون ترانو | 33 |
| 20 | پوڙهو پنهل ۽ اخبار | 34 |
| 21 | جمالو جادوگر | 35 |
| 22 | پُل ٻڌايون | 36 |
| 23 | پويون پنو | 38 |

# رايا

- ادل سومرو سنڌ جو چاتل سڃاتل نوجوان شاعر آهي. نئين دؤر جي شاعرن ۾ منفرد جڳهه والاري ٿو. ٻاراڻن ٻولن ۾ ادل نہ رڳو ٻارن لاءِ راند جو سامان ۽ وسيلو مهيا ڪيو آهي پر انهن جي ذهني اوسر ۽ تربيت لاءِ بہ ڪوشش ڪئي آهي. انهن ٻولن ۾ سماج جي استحصال ڪندڙ طبقي تي چٿرون ۽ ٽونڪون ۽ انهن جي استحصال ڪي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرڻ ۾ ادل سومري ڪمال خوبي ڏيکاري آهي.

**رشيد ڀٽي**
**(17 فيبروري 1977)**

- ادل جو ڪتاب، ”روز ٽڙن رابيل“ ٻارن لاءِ لکيل سندس اثرائتي شاعريءَ جو مجموعو آهي. چينو پنهنجي ڪاپي ڪٽي ڳُم تي ويو. سندس ڪمري ۾ ويس تہ هو پاپوهہ مان ادل سومري جو ڪتاب پڙهي رهيو هيو. چيومانس: ” گهمڻ نہ هلندي ڇا؟ “ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيائين : ”جيسيتائين ڪتاب پڙهي پورو نہ ڪندس، تيسيتائين ٻاهر نہ هلندس.“ ڪيس چيم : ”مونکي ادل جي ڪا شيءَ ٻڌاءِ چينا. ڪا اهڙي شيءِ جنهن سان روح کي روهن ۾ پٽڪڻ کان نجات ملي“ چيني، ادل سومري جو هڪ شعر ٻڌايو :

تون نہ مرين ها هيل او پٽڙا!
بابل تُنهنجو قيد ڪٽڻ ۾.

ادل پنهنجي ذات جو حق ادا ڪيو آهي. مون کي پڪ آهي تہ ادل سومرو ڌرتيءَ جو قرض چڪائيندو رهندو. لکندو رهندو، لکندو رهندو.

## امر جليل
## روزاني هلال پاڪستان
## ڪالم ”تنهنجون منهنجون ڳالهيون“
## (25 جون 1977)

- ادل سومري ٻارن جي دلچسپيءَ واري عنصر کي ذهن ۾ رکيو آهي. هن جا ٻاراڻا ٻول ۽ ڪهاڻيون، ٻارڙن کي وندرائيندڙ مواد سان ٽمٽار آهن.

**رفيق سومرو**
**(25 جولاءِ 1979)**

- ادل سومري ”روز ڙٽن رابيل“ ڪي آڻي، جيڪو سپ ڪان اهم ڪم ڪيو آهي، اهو آهي، هٿ ٺوڪي روايت يعني وڏن اديبن جو ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪرڻ ڪي پنهنجي گهٽتائي سمجهڻ واري عمل ڪان بغاوت. ادل جي اهڙي ڪاوش تي هن کي بلڪل حق آهي ته هو اسان سينئي اديبن جي سٿ ۾ پنهنجي ڄاڻ ڪي اوچو رکي.

**ڪيهر شوڪت**

**(1978)**

# ڌرتي

ڪيڏي سهڻي آهي ڌرتي
مولا ڪان مون آهي ورتي

آدم جو مان جايو آهيان
ڌرتيءَ تي مان آيو آهيان

ڌرتيءَ تي هن باغ باغيچا
گُلُ، پکي ۽ ڍنڍون درياهه

ڌرتيءَ تي هن پوپٽ پيارا
سهڻن سهڻن رنگن وارا

ڌرتيءَ تي هيءَ ماءُ مٺي آ
اُن جهڙي مون ڪانه ڏٺي آ

ڌرتيءَ تي آ شاهه پٺائي
ٻوليءَ جي جنهن سونهن وڌائي

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

ڌرتيءَ تي هيءَ سنڌُ آ منهنجي
جنهن تان صدقي جندُ آ منهنجي

ڌرتي ڌُڪن واري آهي
پوءِ به مونکي پياري آهي.

# شاهه لطيف جو ميلو

شاهه لطيف جو ميلو آيو
ٻارن ڳڙجي گهمڻ ٿي چاهيو

ڳوٺ سڄي مان ماڻهو سنبريا
ٻارن ڳل ڦل ڪپڙا پهريا
ميلي واري بس ڪي سيڙي
جهنڊين سان هو خوب سڄايو
شاهه لطيف جو ميلو آيو.

جيجي زرينه پٽ تي آئي
علڻ فقير به وائي ڳائي
عابده، يوسف، جمن، وحيد
سيڙي راڳين پاڻ ملهايو
شاهه لطيف جو ميلو آيو.

علم ادب جون هي ڳڙجاڻيون
مَلهه، نمائش، روحَ رهاڻيون
سيڙي پنهنجي دُڪانن ڪي
سينگاري هو سُهڻو ٺاهيو.
شاهه لطيف جو ميلو آيو.

# ٿري پارُ ۾ بادل

بادل! ٿورو ببهُ بَرن ۾
واريءَ تي وسڪار ڪري وڄُ
خوش ٿرين جا پار ڪري وڄُ.

بادل! ڪيڏو سهڻو آهين
تيز هوا ۾ ڊڪڻو آهين
ٿوري دير اسان وٽ ترسي
ڌرتيءَ تي سينگار ڪري وڄُ
خوش ٿرين جا پار ڪري وڄُ.

توتي ناهي قرض اسان جو
مجُ ادا هي عرض اسان جو
ويندي ويندي گاج ڪري تون
واڻن تي وٽڪار ڪري وڄُ
خوش ٿرين جا پار ڪري وڄُ.

توسان گڏجي ڪنوڻ ڪلي ٿي
پارن جي دل هينئن چوي ٿي
ماروئڙن جي ماڳ مٿان تون
خوشين جا انبار ڪري وڄُ
خوش ٿرين جا پار ڪري وڄُ.

# ٻالڪ ۽ ٻولي

سنڌي ڪين پڙهان! مُور نه ٿيندي ڀُل
اتي رکان ڳُل، جتي بيتُ لطيف جو.

ٻوليون ٻيون به ڪيتريون، آهن سکڻ ڪاڻ
اچي ٿي سرهاڻ، مون کي سنڌيءَ سٽ مان.

جنهن ۾ ڳالهيون اوپريون، منهنجو ناهي نصاب
پڙهان سوئي ڪتابُ، جنهن ۾ صفحا سنڌ جا.

سنڌيءَ ڏاران سُڃَ، منهنجي لئه مڪتب
لهي منهنجي اڃَ، پڙهي بيتُ لطيف جو.

ڦرهيءَ مٿان منهنجي، تنهنجو روشن نانءُ
ڌرتي! تنهنجي ڇانءُ، منهنجي آهي وجود تي.

ڪڙي ناهي ڪا به، ٻوليون ڌاروں ڌارَ
آهن ماڪيءَ لارَ، سڀُ اکر سنڌيءَ جا.

ڀريان ناڻ سليٽ تي، لکان سنڌڙيءَ جو
تنهن کان پوءِ پيو، ساٿي! سبق اتاريان.

الا! ڪنهن اسڪول کي لڳي نه تالو
هر هنڌ اجالو، سنڌي ٻوليءَ جو رهي.

# ننڍڙو ٻنارُ

سڀاجهو ننڍڙو ٻنار ڏودو
محنتي نينگر سچار ڏودو

اسر جو جاڳي ٿو هو ننڊ مان
ڪري ٿو نيرن پيٽَ ۾ ڏُڌ سان
جڏهن ٿا نڪرن هاري گهر ڪان
سڀ ڪان اَڳ ۾ تيار ڏودو
سڀاجهو ننڍڙو ٻنار ڏودو

هر ڪنهن گهر جي درَ تي ويندو
سڏُ ڪندو ۽ هڪل ٻه ڏيندو
پاڻ وجي پوءِ مال چوڙيندو
رهي ٿو هر دم هوشيار ڏودو
سڀاجهو ننڍڙو ٻنار ڏودو

سانجهيءَ ڌاري مٿيءَ ۾ لٿجي
پنهنجي چاريل ڌڻ سان گڏجي
وري ٿو واپس ڏاڍو ٿڪجي
همت وارو پنهوارُ ڏودو
سڀاجهو ننڍڙو ٻنار ڏودو.

# سائنسي سونهن

نئين دؤر جو کُليو ٿو واءُ
ٻڌو هي سائنس جو پڙلاءُ

بجلي پين جڏهن ٿي ٽڪجي
جاڳي ٿو جنريٽر پاءُ
ٻڌو هي سائنس جو پڙلاءُ

ڪمپيوٽر جا ڪم ڏسي ٿيو
ذهن ذهن کي آ سوداءُ
ٻڌو هي سائنس جو پڙلاءُ

آڊيو وڊيو ڪيسٽ رستي
سوچ جو هر هنڌ ٿيو ڦهلاءُ
ٻڌو هي سائنس جو پڙلاءُ

ڪيڏو آ روبوٽ سگهارو
ڳُسي نه جنهن جو ڪوئي داءُ
ٻڌو هي سائنس جو پڙلاءُ

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# پرت پرڻ جو هنر

اچو ڙي ڀينر پرتُ پريون
گهر ۾ گڏجي ڪرت ڪريون

علم ٻه آهي هنر ٻه آهي
ويهون ڇو پنهنجو وقت وڃائي
پورهئي سان ئي خوشيون ڊوڙي
اچهو اسان ڏي چاڙ وريون
اچو ڙي ڀينر پرتُ پريون

سوني سهڻو گجُ ٿي ٿاهي
ڀين ادين کي ٿي سمجهائي
نوان نمونا سڪون هلي کي
ذهن جون ڪولي ساريون دريون
اچو ڙي ڀينر پرتُ پريون

وقت ويو سو ورڻو ناهي
سستيءَ جو ڏوهه ڪرڻو ناهي
ڀائر پنهنجا پورهيو ڪن ٿا
ڀاڙ ٿيون ڇا لاءِ ڊريون
اچو ڙي ڀينر پرتُ پريون

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# گهرُ

گهر ۾ ڪٽ
ڪٽ تي رلي
هوشيار ٻار ڪي
عزت آهي ملي

گهر ۾ گُنڊڙي
گُنڊڙيءَ ۾ انُ
علم سان گڏُ ٻارو
سکجي ڪو فَنُ.

گهر ۾ نلڪو
نلڪي ۾ پاڻي
محنت ڪندڙ ٻارن
منزل آ ماڻي

گهر ۾ پنکو
پنکي ۾ واءُ
هٿ ڏوئي پاءُ
پوءِ ماني کاءُ.

گهر ۾ ٿي وي
ٿي ويءَ ۾ خبرون
مڪتب جي لئه
سوير سنبرون.

# گُل هر هنڌ ٽڙن

سُونهن آهيون اسان
مرڪ آهيون اسان
ٽا خوشيءَ جا سدا
گيت ڳايون اسان.

علم سان روشني
علم سان زندگي
علم سان هر خوشي
علم هر ڪنهن ملي
ايئن چاهيون اسان
سونهن آهيون اسان

شوق سان ٿا پڙهون
چاهه سان ٿا لکون
سچ سارو سڪون
سوچ ويچار جي
واٽ ڳاهيون اسان
سونهن آهيون اسان

ڳُل هرهنڌ ٽڙن
مرڪي مارو مڙن
ڪين ڳوڙها ڳڙن
هر ڏکي پار ڪي
سيني لايون اسان
سونهن آهيون اسان.

# سوٽو، ڪانءُ ۽ پٽُ

ڦر ڦر سوٽو دٻلي تي ڪڙڪي
ڏک ڏک ڏک ڏک دل تي ڏڙڪي

مار ملڻ ڪان اڳ ۾ او سائين!
ساهُ سُڪايو اوهان جي دڙڪي.

اڃان ٻنيءَ تان امڙ نه آئي
تيسين پاءُ ٿو پڳڙا رڙڪي.

ڪانون گڏجي شور ڪيو آ
بجليءَ جي تار تي ڪانءُ ٿو لڙڪي

پٽُ ڪائڻ لئه پار مڙيا هن
ٻاهه تي ڪُنو اچا ٿو ٻڙڪي.

شهر ڪان شايد اڏڙو ايندو
چو نه اديءَ جي اک تي ڦڙڪي.

# جانڻ جوڳي

جانڻ جوڳي مُرلي وڄائي.
روئندڙ ٻارن کي پرچائي.

مُرليءَ جو آواز ٻڌن ٿا
ٻار سمورا ڊوڙي اچن ٿا
جانڻ جي چوڌير ٻيهن ٿا
هٿ هٿن سان سيئي ملائي
جانڻ جوڳي مُرلي وڄائي.

ٽپڻيءَ جو هُو ڍَڪُ هٽائي
مُرليءَ تي ٿو نانگُ نچائي
نانگ کي ٿورو هو چيڙائي
ٻارن کي ٿو خوب کلائي
جانڻ جوڳي مُرلي وڄائي.

مُرلي وڄائڻ بند ڪري ٿو
جانڻ پوءِ خيرات گهُري ٿو
ٻار ڏين ٿا پئسا هُن کي
خرچي پنهنجي سڀُ کپائي
جانڻ جوڳي مُرلي وڄائي.

# ايڪو

پاڻ سڀئي هڪ آهيون ٻارو
اچو نہ ويچا ڏاهيون ٻارو.

ڪُلفت ڪاوڙ ختم ڪري سڀُ
پنهنجن ڪي پرچايون ٻارو.

هر ونڌُر جي پيٽ ۾ زيادهہ
علم ادب کي چاهيون ٻارو.

وڃي ٿو جيڪو جلدي وسري
سبق اهو ورجايون ٻارو.

علم سان آهي هنُر ضروري
سڀني کي سمجهايون ٻارو.

پلُ پلُ آهي قيمت وارو
ويهي نہ وقت وڃايو ٻارو.

جهيڙي وارا جذبا ٽاري
گيتُ امن جو ڳايون ٻارو.

محنت، محبت، ڏاهپ سان ئي
ديس پنهنجي کي ٺاهيون ٻارو.

# ڪاٺ جا گهوڙا

ڪاٺ جا گهوڙا گول ڦرن ٿا.
ٻالڪ تن تي چڪر هڻن ٿا.

جڏهن ڀ ڳوٺ ۾ ميلو ٿئي ٿو
گهوڙن وارو اچي پُڄي ٿو
هر پاڙي ۾ هُل مچي ٿو
ٻار سمورا ڊوڙي اچن ٿا
ڪاٺ جا گهوڙا گول ڦرن ٿا.

رنگ برنگي گهوڙا آهن
ڪاريگر ٿا سهڻا ناهن
ٻارَ انهن کي ڏاڍو چاهن
ڪري سواري خوشيون ڪن ٿا
ڪاٺ جا گهوڙا گول ڦرن ٿا.

هر ڪو ڦيريان ويهڻ چاهي
ڪوبہ نہ ٿورو ترسڻ چاهي
پنهنجي خرچي ساري کپائي
ٻار گهرن ڏي پوءِ وڃن ٿا
ڪاٺ جا گهوڙا گول ڦرن ٿا.

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# صفائيءَ جو هفتو

صفائيءَ جو هفتو ملهايون اچو.
بيمارين کي گڏجي پڇايون اچو.

سڄو گند ڪچرو هٽايون اچو
صفائيءَ جي اهميت ٻڌايون اچو
سڀئي پاڙي وارا سڏايون اچو
صفائيءَ جو هفتو ملهايون اچو.

ٿيلهيون، گلون هي ڪاغذ ۽ ڪانا
بيمارين جا آهن سمورا بهانا
سڄي گندگيءَ کي جلايون اچو
صفائيءَ جو هفتو ملهايون اچو.

هتي عام شيون ٿيون وڪرو ٿين
اچي جام تن تي ٿيون مکيون ويهن
اهي ساريون شيون ڍَڪايون اچو
صفائيءَ جو هفتو ملهايون اچو.

مڇرن جا آهن ڏُٻن تي هي ديرا
ماٺهن مٿان هي وبائن جا ڦيرا
دوائن سان تن ڪي گهٽايون اچو
صفائيءَ جو هفتو ملهايون اچو.

# نياڻين جي تعليم

پائرن سان گڏ پينر جاڳيون.
هارِڻ نہ رهنديون ڳالهيون ساڳيون.

مارئي هاٿي پڙهڻ وجي ٿي
سسئي هُنر سکڻ وجي ٿي
گهرن ۾ ويهي سبق وٺن ٿيون
سوڍيون، سونيون، نوريون، پاڳيون
هارِڻ نہ رهنديون ڳالهيون ساڳيون.

نياڻيءَ جي تعليم ضروري
سچ ڪان آخر ڪيسين دوري
ديس جا پُٽڙا بختن وارا
ڌيئر بہ آهن سڀُ سياڳيون
هارِڻ نہ رهنديون ڳالهيون ساڳيون.

# ڪنگ ڪي بار جي اپيل

منهنجا مٺڙا ڪانگ ادا
مون کي مڇي ڏي ڦاسائي
ڏاڍي بُک لڳي مون آهي.

منهنجو بابو ڏُور ويو آ
امڙ مون کي هينئن چيو آ
”هارِ ڪائڻ لئه ڪُجهه به ناهي“
ڏاڍي بُک لڳي مون آهي.

پاڻيءَ جو تون راجا آهين
ڪري سگهين ٿو جو تون چاهين
پَرَ مڇيءَ جي پويان ڪاهي
ڏاڍي بُک لڳي مون آهي.

ڪاش هُجان ها مان به پکيئڙو
ڪونه رهي ها بُک ۾ جيئڙو
تون نه پکي آن توکي چاهي
ڏاڍي بُک لڳي مون آهي.

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# نئين دؤر جو نئون ترانو

ٻارو ڳڌجي ڳايون تا اڄُ
نئين دؤر جو نئون ترانو
خوش رهي شل سارو زمانو.

الفت آ ايمان اسان جو
هر هنڌ آ اعلان اسان جو
سڀ کو پنهجو ساٿي آهي
ناهي ڀائو ڪو بيگانو
خوش رهي شل سارو زمانو.

سڀني کان ڏُک دور هُجن
ماڻهو سڀُ مسرور هُجن
هر چهري تي مُرڪ هُجي
ٻچيءَ ٻچيءَ ۾ سهڻو ڳانو
خوش رهي شل سارو زمانو.

هر ماڻهوءَ کي مانُ ملي
اَجهوءِ لٽو ۽ نانُ ملي
دنيا لئه هي گيتَ اسان جا
محبت جو آهن نذرانو
خوش رهي شل سارو زمانو.

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com

# پوڙهو پنهل ۽ اخبار

پوڙهو پنهل ٿو پڙهي اخبار.
ٻُڌن ٿا سارا ڳوٺ جا ٻار.

جڏهن شام جا پنج وڄن ٿا
ٻار اوطاق تي ڳڏُ ٿين ٿا
پنهل به ڏڪندي اچي پُڄي ٿو
عينڪ پائي ڪري ڪنگهار
پوڙهو پنهل ٿو پڙهي اخبار.

ڪنهن جي گهر ڪي ڪاٽُ لڳو آ
واٽ ويندي ڪو اغوا ٿيو آ
هر هنڌ آهن جهيڙا جنگيون
امن جا ناهن ڪي آثار
پوڙهو پنهل ٿو پڙهي اخبار.

ڪٿان جو ڪهڙو حاڪم آهي
ڪهڙي ملڪ ۾ راڄ ڪلهه چاهي
گهر ويٺي ٿي پوي سڀن کي
سڄي دنيا جي خبر چار
پوڙهو پنهل ٿو پڙهي اخبار.

# جمالو جادوگر

انتر منتر جادو جنتر
جادوگر جي هٿ ۾ هنتر
وڃي ٿو بڻجي ڪارو اجگر

جادوگر جو کيل نرالو
ڳوٺ سڄي ۾ هُن جو نالو
وڏا ڏسڻ لئه وتن ويڳاڻا
ٻار به ڪن ٿا ڏاڍو ڏمچر
انتر منتر جادو جنتر

جادوگر جو نانءُ جمالو
ڳِهي وڃي ٿو بڻجي پيالو
ڪَن منجهان ٿو ڪڍي ڪوئا
۽ ڪيسي مان ڪارو ڪبوتر
انتر منتر جادو جنتر

جادوگر جا وار سڙن ٿا
ٻاهه مان ڪيئي گُل ٽڙن ٿا
کلندي کلندي پوءِ جادوگر
هڻي ٿو پنهنجي پيٽ ۾ خنجر
انتر منتر جادو جنتر

# پُل ٻڌايون

اچو ته پاڻ ئي پُل ٻڌايون
ڳوٺ جو رستو سولو ٺاهيون

مڪتب ويندي دير ٿئي ٿي
روز انهيءَ تي مار ملي ٿي
سبق وجي ٿو سارو پڙهجي
پاڻ وجون ٿا ان کان رهجي
ٻين سڀني کان پٺتي آهيون
ڳوٺ وارن کي سو سمجهايون.

جانو جڏهن بيمار ٿيو هو
ڊاڪٽر ڏاڍو دير پُڳو هو
رستو جي آسان هجي ها
ڪين اچڻ ۾ دير لڳي ها
گڏجي سڏجي پاڻ ملهايون
ٻئي جي ڪارڻ چو واجهايون.

وڻ وڏي اربيلو ايندو
واڍو پاءُ علڻ ٺي ٿيندو
سادي سودي پُل جي ٺهندي
وقت جي ٿوري بچت پوندي
سستيءَ ڪي سڀُ ڏور ڀڄايون
ساٿي پنهنجو پنڌ ڪٽايون.



# ادل سومرو

WEBSITE : www.sascitysukkur.com
E-MAIL : abdullateefansari@yahoo.com